(عربي اردو، سنڌي، گجراتي انگلش، بنگالي ۽ هندي) ۾ شايع ٿيندڙ ڪثيرالاشاعت ميگزين

Islamic Family Magazine | رنگین شمارہ

ماهوار

# فيضانِ مدينه

(دعوتِ اسلامي)

اپريل 2025/شول المڪرم 1446 هجري




- مسلمان جي عزت
- مدني مذاڪري جا سوال جواب
- تجارت جا احڪام
- ڏند سلامت رهيا
- اسلام جو معاشي نظام
- واش روم جون احتياطون



# دارالافتاءِ اهلِ سنت

## مفتي محمد قاسم عطاري

### (1) جعلي بينڪ اسٽيٽمينٽ ٺهرائڻ ڪيئن؟

**سوال:** ڇا فرمائن ٿا عالم ۽ مفتي سڳورا هن مسئلي ۾ ته جڏهن ڪنهن طالبِ علم کي تعليم جي سلسلي ۾ ٻاهرين ملڪ وڃڻو پوندو آهي ته ڪڏهن ڪڏهن اتي جي تعليمي اداري طرفان شاگرد يا سندس سرپرست جو اڪائونٽ بيلنس ۽ اسٽيٽمينٽ سيڪيورٽي جي طور تي چيڪ ڪيو ويندو آهي ته جيئن اهي اندازو ڪري سگهن ته اهو شاگرد اداري جي فيس برداشت ڪري سگهي ٿو يا نه؟ هاڻي انهن مان اڪثر ماڻهو اهڙا هوندا آهن جيڪي اصل ۾ فيس ڏيڻ جي سگهه ته رکندا آهن پر انهن جي اڪائونٽ جي ٽرانزيڪشن ۽ بيلنس اداري جي گهرج مطابق ناهي هوندو، اهڙا ماڻهو ايڊميشن جي لاءِ بينڪ مان جعلي اسٽيٽمينٽ ٺهرائيندا آهن ۽ بينڪ جي مدد سان پنهنجي اڪائونٽ ۾ مطلوبه رقم ڪجهه وقت لاءِ رکائيندا آهن، اها رقم انهن کي بينڪ مهيا ڪندو آهي، پر اهو صرف اڪائونٽ ۾ ظاهر ڪرڻ جي حد تائين هوندو آهي، ڪلائنٽ هن رقم کي ڪنهن به طرح استعمال نٿو ڪري سگهي، ايستائين جو ان جو اي ٽي ايم ڪارڊ وغيره به بينڪ پاڻ وٽ رکي ڇڏيندو آهي. هن سروس تي ڪلائنٽ بينڪ کي ڪجهه فيصد رقم ادا ڪندو آهي، پڇڻو اهو هو ته اهڙي طرح جعلي اسٽيٽمينٽ ٺهرائڻ ۽ اڪائونٽ ۾ رقم ظاهر ڪرائڻ ڪيئن آهي؟ پڻ ذڪر ڪيل ڪم تي ڪلائنٽ جو بينڪ کي مخصوص رقم ڏيڻ جائز آهي؟

بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اَلْجَوَابُ بِعَوْنِ الْمَلِكِ الْوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الْحَقِّ وَالصَّوَابِ

ذڪر ڪيل صورت ۾ جعلي اسٽيٽمنٽ ٺهرائڻ ۽ اڪائونٽ ۾ اها رقم ظاهر ڪرائڻ جنهن جو اڪائونٽ هولڊر مالڪ ناهي، ڪوڙ ۽ دوکو آهي، جيڪو ناجائز ۽ حرام آهي. پڻ بينڪ جو ان ڪم ۾ مدد ڪرڻ به ناجائز ۽ گناهه آهي. ۽ هن ناپسنديده عمل تي ڪلائنٽ طرفان هڪ مخصوص رقم ڏيڻ ۽ بينڪ جو ان کي وٺڻ به حرام آهي ڇو ته اهو ڪو جائز اجرت وارو ڪم نه آهي، ته ان تي ڏني

ويندڙ رقم پنهنجو ڪم ڪيرائڻ جي لاءِ ڏني پئي وڃي جيڪا رشوت ۽ باطل اجرت آهي.

وَاللّٰهُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوْلُهٗ اَعْلَم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## (2) جيڪڏهن نماز دوران نمازي جو سينو نظر اچي رهيو هجي ته؟

**سوال :** ڇا فرمائن ٿا عالم ۽ مفتي سڳورا هن مسئلي ۾ ته جيڪڏهن نماز دوران نمازي جي قميص جا بٽڻ کليل هجن ايتري قدر جو سينو نظر اچي رهيو هجي، ته نماز جو ڇا حڪم ٿيندو؟

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم

اَلْجَوَابُ بِعَوْنِ الْمَلِكِ الْوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الْحَقِّ وَالصَّوَابِ

جيڪڏهن نماز دوران نمازي جي سيني جا بٽڻ کليل هجن ۽ سيني جو ايترو حصو نظر اچي رهيو هجي، جيترو عام طور تي مهذب ماڻهوءَ جي سيني جو حصو نظر ايندو آهي، ته ان ۾ ڪو حرج ناهي، البت جيڪڏهن ان کان وڌيڪ حصو نظر اچي رهيو هجي جو اهڙي حالت ۾ ڪو مهذب ۽ سمجهدار شخص ماڻهن جي ميڙ يا بازار ۾ نه وڃي، يا وڃي ته ڪيس بي ادب ۽ بي وقار سمجهيو وڃي، يا مڪمل سينو کليل هجي، ته اهڙي حالت ۾ نماز پڙهڻ **مڪروهِ تنزيهي** آهي، ڇو ته ان جو حڪم انهن ڪم ڪار ۽ روزمره وارن ڪپڙن وانگر ٿيندو، جن کي مهذب ماڻهو پهري (پائي) ڪري بزرگن ۽ معزز ماڻهن جي سامهون وڃڻ کان شرم محسوس ڪندو آهي ۽ پهري وڃي، ته ڪيس بي ادب سمجهيو ويندو آهي، ته اهڙا ڪپڙا پهري نماز پڙهڻ **مڪروهِ تنزيهي** آهي، جڏهن ته ان وٽ ٻيا ڪپڙا موجود هجن.

وَاللّٰهُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوْلُهٗ اَعْلَم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## (3) Scalp pigmentation ڪرائڻ ڪيئن؟

**سوال :** ڇا فرمائن ٿا عالم ۽ مفتي سڳورا هن مسئلي ۾ ته جيڪڏهن ڪنهن شخص جا مٿي جا وار ڪِري ڪَري گهٽجي ويا هجن جنهن جي ڪري مٿي جو ڪجهه حصو گنجو ۽ بدصورت لڳي ٿو ته ڇا اهو شخص گنجو نه ڏسجڻ لاءِ Scalp pigmentation ڪرائي سگهي ٿو؟

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم

اَلْجَوَابُ بِعَوْنِ الْمَلِكِ الْوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الْحَقِّ وَالصَّوَابِ

Scalp pigmentation جو عمل اصل ۾ پرڻ (ٽيٽو بنائڻ) وانگر آهي ۽ ان جي شرعاً اجازت ناهي. تفصيل هن ريت آهي :

Scalp pigmentation جي عمل ۾ مٿي جي جن حصن ۾ وار نه هجن اُتي سنهي سوئين جي ذريعي سوراخ ڪري ڪاري

مَس يا مادو پريو ويندو آهي جنهن سان اُتي ڪارا ننڍڙا نقطا ٿي پوندا آهن، جيڪي ننڍڙن وارَن وانگر لڳندا آهن تہ اهو عمل ٽيٽو بنائڻ وانگر آهي، بلڪ ماهر ان کي ٽيٽو بنائڻ ئي چون ٿا، ۽ ان کي Medical-grade micro-tattooing جي نالي سان سڃاتو ويندو آهي. جيئن تہ هيٺ ڏنل ويب سائيٽ تي ان جي تعريف ۽ تفصيل ڏسي سگهجي ٿي.

https://ishrs.org/micropigmentation-of-scalp)

(https://www.medicalnewstoday.com/articles/scalp-micropigmentation)

وَاللّٰهُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوْلُهٗ اَعْلَم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## (4) بغير وضو جي احرام ٻڌڻ جو حڪم

**سوال:** ڇا فرمائن ٿا عالم ۽ مفتي سڳورا هن مسئلي ۾ تہ اسان عمري جي لاءِ روانگي جي وقت گهران ئي غسل وغيره ڪري احرام جون چادرون پهري وٺندا آهيون، پر اجان عمري جي نيت سان تلبيہ ناهيون چوندا، بلڪ جڏهن جدّو اچڻ وارو هوندو آهي تہ ميقات ڪان پهريان جهاز ۾ تلبيہ چوندا آهيون. ڪڏهن ڪڏهن ان دوران وضو برقرار ناهي رهندو، تہ ڇا بغير وضو جي بہ احرام ٻڌي سگهون ٿا؟

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اَلْجَوَابُ بِعَوْنِ الْمَلِكِ الْوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الْحَقِّ وَالصَّوَابِ

باوضو هجڻ احرام لاءِ ضروري ناهي، جيڪڏهن ڪو بغير وضو بہ عمري جي نيت سان تلبيہ چوي تہ ان جو احرام ۽ پابنديون شروع ٿي وينديون آهن. البت وضو جي اهميت ۽ فضيلتون تمام گهڻيون آهن ايتري قدر جو هر وقت باوضو رهڻ مستحب آهي. پوءِ جڏهن سفر بيت الله شريف ڏانهن هجي تہ ان جو خاص اهتمام هئڻ گهرجي جو جيترو ٿي سگهي باوضو رهيو وڃي، خاص طور احرام يعني عمري يا حج جي نيت سان تلبيہ چوندي وقت باوضو هئڻ، الڳ سنت آهي.

وَاللّٰهُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوْلُهٗ اَعْلَم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## (5) ڇا ڏسڻ بغير ڪنهن کي بري نظر لڳي سگهي ٿي؟

ڇا فرمائن ٿا عالم ۽ مفتي سڳورا هن مسئلي ۾ تہ ڇا نظرِ بد (بري نظر) صرف ڏسڻ سان ئي لڳندي آهي يا جيڪڏهن ڪنهن شيءِ کي ڏٺو نہ هجي ۽ صرف ڏسڻ ڪان بغير ئي ان جون تعريفون ڪيون وڃن، تہ ڇا اهڙي صورت ۾ بہ نظر لڳي سگهي ٿي؟

بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْم

اَلْجَوَابُ بِعَوْنِ الْمَلِكِ الْوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الْحَقِّ وَالصَّوَابِ

هڪ شخص ڪان ڪنهن ٻئي ڪي نقصان ڪيئي طرح سان پهچي سگهي ٿو، جيئن هٿ پيرن سان باقاعده ڪنهن کي مارڻ، زخمي ڪرڻ، يا زباني طور جيئن گار ڏيڻ، يا غير مرئي انداز ۾ جيئن جادو يا نظر بد يا ڪنهن ٻئي طريقي سان. انهن قسمن ۾ جيڪا نظر بد جي صورت آهي، ان بابت ائمه امّت رَحِمَهُمُ الله صراحت فرمائي آهي ته نظر ڏسڻ واري شخص جي اک جي اثر سان لڳندي آهي، يعني جڏهن ڪنهن شيءِ کي پسنديده نظرن سان ڏسي ۽ الله جو ذڪر نه ڪري يا نقصان ئي جي نيت سان ڏسي. تنهنڪري نظر بد واري صورت ۾ ته ڏسڻ ئي ضروري آهي، ڏسڻ بغير صرف تعريف ڪرڻ سان نظر ناهي لڳندي البت غير مرئي نقصان پهچڻ نظر بد تي ئي موقوف ناهي بلڪ ممڪن آهي ته نظر بد نه هجي پر ڪنهن ٻئي سبب سان نقصان پهچي. عاملن کي انهن شين جي مڪمل پهچان ناهي هوندي تنهنڪري اهي ڪيترين ئي شين ۽ اثرن کي هڪٻئي ۾ ملائي ڇڏيندا آهن.

وَاللّٰهُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوْلُهٗ اَعْلَم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم





# مسلمان جي عزت

دعوتِ اسلامي جي مرڪزي مجلس شوريٰ جا نگران مولانا محمد عمران عطاري

مسلمان جي عزت ڪعبي جي حرمت کان به وڌيڪ آهي. پر هن وقت حالتون ايتريون ته خراب ٿي چڪيون آهن جو هڪ مسلمان پنهنجي مسلمان ڀاءُ ڪي اهميت ڏيڻ بدران ان جي عزت کي نيلام ڪرڻ ۽ ماڻهن جي سامهون ان کي ذليل ۽ رسوا ڪرڻ جا موقعا ڳوليندو رهندو آهي. نگرانِ شوريٰ هڪ بيان ۾ مسلمان جي عزت ۽ ان جي قدر ۽ مرتبي کي اجاگر ڪيو ۽ مسلمان جي عزت جي حوالي سان جيڪي مدني گل پيش ڪيا، انهن کي ملاحظ فرمايو:

**(1)** نبي ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان کي عزت ڪرڻ سيکاريو آهي ته هڪ مسلمان ٻئي مسلمان جي عزت ڪري، چاهي امير هجي يا غريب، ڳورو هجي يا ڪارو، ڇاڪاڻ ته الله پاڪ ان کي دولتِ ايمان عطا ڪئي آهي، جيڪا خوش نصيبن کي ئي ملندي آهي.

**(2)** هر مومن عزت وارو آهي، ڪنهن مسلمان قوم کي ذليل سمجهڻ يا ان کي گهٽ ۽ حقير چوڻ حرام آهي. (صراط الجنان، 169/10)

**(3)** مومن جي عزت نيڪ عملن سان آهي، روپين پئسن سان نه.

**(4)** مومن جي عزت دائمي آهي، فاني نه آهي، ان ڪري مومن جي لاش ۽ ان جي قبر جي به عزت ڪئي ويندي آهي.

**(5)** جيڪو مومن کي ذليل سمجهي، اهو الله پاڪ جي نظر ۾ به ذليل آهي. (صراط الجنان، 169/10)

**(6)** ڪو به شخص غريب هجي، مسڪين هجي، پر جيڪڏهن مسلمان آهي ته هو عزت وارو آهي.

**(7)** اهو مسواڪ (ڏندڻ) جنهن کي مسلمان استعمال ڪري چڪو آهي، ان کي يا ته دفن ڪيو وڃي يا احتياط سان ڪنهن محفوظ جاءِ تي رکيو وڃي. ان استعمال ٿيل مسواڪ کي اڇلائڻ صحيح نه آهي. ان جي حڪمت اها آهي ته مسواڪ سنت ادا ڪرڻ جو ذريعو آهي، هاڻي اهو ڪا عام ڪاٺي نه رهيو، بلڪ خاص ٿي ويو آهي، جنهن ڪري ان جو احترام ڪيو ويندو.

**(8)** مسواڪ جي تعظيم جي هڪ ٻي وجهه اها به آهي ته مسلمان جي وات جو

لعاب (ٿُڪ) پاڪ آهي، چاڪاڻ تہ مسواڪ مسلمان جي وات ۾ استعمال ٿي آهي، تنهن ڪري ان جي ادب خاطر ان کي يا تہ دفن ڪيو ويندو يا محفوظ جاءِ تي رکيو ويندو تہ جيئن مسلمان جي ٿُڪ جي بي حرمتي نہ ٿئي.

**(9)** بيت الخلا ۾ ٿُڪڻ (ٿُڪ اُڇلائڻ) منع آهي، ان جو سبب اهو بيان ڪيو ويو آهي تہ مسلمان جي ٿُڪ پاڪ آهي ۽ بيت الخلا جي جاءِ تي پاڪ شيءِ اڇلائڻ مناسب نہ آهي.

**(10)** اسان جي ذهنن ۾ پنهنجي مسلمان ڀائرن لاءِ محبت ۽ الفت هجڻ گهرجي، چاڪاڻ تہ قرآن ڪريم ۾ آهي تہ: ﴿اِنَّمَا الْمُؤْمِنُوْنَ اِخْوَةٌ﴾ ترجموڪنزالايمان: مسلمان، مسلمانن جا ڀائر آهن. (پ26، الحجرات: 49)

**(11)** اسان کي پنهنجي سيني کي مسلمانن جي ڪيني کان پاڪ رکڻ گهرجي. مسلمان سان ڪينو ۽ بغض رکڻ تمام نقصانڪار آهي ۽ رحمتِ الٰهي کان محرومي جو سبب آهي. الله جي محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: الله تعاليٰ شعبان جي پندرهين رات پنهنجن ٻانهن تي (پنهنجي شان جي لائق) تجلي فرمائيندو آهي ۽ مغفرت گهرڻ وارن جي مغفرت فرمائيندو آهي ۽ رحم طلب ڪرڻ وارن تي رحم فرمائيندو آهي، جڏهن تہ ڪينو رکڻ وارن کي انهن جي حالت تي ڇڏي ڏيندو آهي. (ڪنز العمال، 209/3، حديث: 7714)

هڪ ٻئي هنڌ تي فرمايائون: بغض رکڻ وارن کان بچو، چاڪاڻ تہ بغض دين کي ختم ڪري ڇڏيندو آهي. (شعب الايمان، 383/3، حديث: 3835)

**(12)** حديثِ پاڪ ۾ آهي تہ جيڪو پنهنجي مسلمان ڀاءُ (جي عزت ڪرڻ خاطر) ان جي گهوڙي جي رڪاب پڪڙي، نہ ڪنهن لالچ جي ڪري ۽ نہ ئي ڪنهن خوف جي ڪري (پر سندس اهو عمل صرف الله پاڪ جي رضا جي لاءِ هجي)، تہ الله پاڪ اهڙي شخص جي مغفرت فرمائيندو آهي.

(معجم اوسط، 287/1، حديث: 1012، فيض القدير، 115/6، تحت الحديث: 8533)

**(13)** اسان جو حال تہ اهو آهي جو جيڪي ماڻهو گڏ ويهندا ۽ اٿندا آهن ۽ هڪ ٻئي جون برايون ڪندا آهن، جيڪڏهن اهي طئي ڪري ڇڏين تہ اڳتي ڪنهن جي بہ برائي نہ ڪنداسين، تہ پوءِ انهن وٽ ڪرڻ لاءِ ڪا سٺي ڳالهہ نہ هوندي ۽ اهي هڪ ٻئي جو منهن ڏسندا رهندا، چاڪاڻ تہ انهن جي وچ ۾ تہ هر

وقت غيبت، چغلي ۽ هڪ ٻئي جي برائي جو ماحول هوندو هو. تنهن ڪري ضروري آهي ته پنهنجين ڪچهرين کي سٺين ڳالهين سان سينگاريو ۽ ٻين جو ذڪرِ خير ڪرڻ جي عادت اختيار ڪيو.

**(14)** جنهن جي مٿي تي ٽوپي هجي ۽ نرڙ تي نماز جو نشان هجي، ضروري نه آهي ته اهو غيبت کان به بچندو هجي. ڪيترائي ديندار نظر اچڻ وارا به هن برائي ۾ مبتلا هوندا آهن اها ته الله جي توفيق آهي، جنهن کي چاهي ان کي هن گناهه کان بچائي.

**(15)** ڪنهن جي غيبت ڪرڻ جو مقصد عام طور تي ان جي اصلاح نه هوندو آهي، بلڪ صرف هڪ مسلمان جي برائي بيان ڪرڻ مقصود هوندو آهي.

**(16)** جنهن ۾ ڪا برائي هجي ته ان جي برائي بيان ڪرڻ غيبت آهي، جيڪڏهن ان ۾ اهو عيب نه هجي ته اهو بهتان يعني الزام آهي، جنهن ۾ ڪوڙ جو گناهه به شامل آهي.

**(17)** اسان مسلمان آهيون ۽ اسلام اسان کي مسلمان جي عزت جو محافظ بڻايو آهي.

**(18)** اسان کي پاڻ کي به مسلمان جي عزت ڪرڻي آهي ۽ ان جي عزت تي پهرو به ڏيڻو آهي، مثال طور جيڪڏهن ڪو ڪنهن مسلمان جي غيبت ڪري يا ان تي ٺٺول ڪري ته اسان کي ان کي روڪي مسلمان جي عزت جي حفاظت ڪرڻي آهي. نبي پاڪ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: جيڪو پنهنجي مسلمان ڀاءُ جي غير موجودگي ۾ ان جي عزت جي حفاظت ڪري، ته الله پاڪ جي ذمهِ ڪرم تي آهي ته ان کي جهنم جي باهه کان آزاد ڪري.

(معجم ڪبير، 176/24، حديث: 443)



# مدني مذاڪري جا سوال جواب

### (1) ”تو ڪُجا من ڪُجا“ جو مطلب

**سوال:** ”تو ڪُجا من ڪُجا“ جو مطلب ڇا آهي؟

**جواب:** ان جو مطلب آهي: تون ڪٿي مان ڪٿي. (مدني مذاڪرو، 10 ربيع الاول 1442 ھ)

### (2) حلال جانور جا گردا (ٻُڪيون) ڪائڻ ۽ وڪرو ڪرڻ

**سوال:** ڇا حلال جانور جا گردا (ٻُڪِيون) وڪرو ڪرڻ ۽ ڪائڻ جائز آهي؟

**جواب :** حلال آهي. پر اسان جي پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي گردا ڪائڻ پسند نہ هو.

(ڏسو: ڪنزالعمال، جز7: 41/4، حديث: 18212-مدني مذاڪرو، 2 ربيع الآخر1442 ھ)

### (3) قبر تي سورت مُلڪ پڙهيل پاڻي ڇڙڪائڻ ڪيئن آهي؟

**سوال:** قبر تي سورت مُلڪ جو پڙهيل پاڻي وجهڻ ڪيئن آهي؟ ۽ ڇا ان سان مرحوم کي فائدو ٿيندو؟

**جواب:** دم ڪيل پاڻي قبر تي وجهڻ مناسب نہ آهي، ڇوتہ بابرڪت پاڻي پيئڻ يا بدن تي لڳائڻ لاءِ هوندو آهي، نڪِي زمين تي هارڻ لاءِ. البتہ! ميت کي دفن ڪرڻ کان پوءِ قبر تي پاڻي وجهڻ سنت آهي ۽ جيڪڏهن قبر پراڻي ٿيڻ جي ڪري ان جي مٽي وِکري وئي هجي ۽ نئين مٽي وڌي وئي هجي يا مٽي وِکرجڻ جو خدشو هجي تہ انهن صورتن ۾ مِٽي ڄمائڻ لاءِ پاڻي وجهڻ جائز آهي تہ جيئن قبر جو نشان باقي رهي ۽ قبر جي بي حرمتي نہ ٿئي پر بنا ضرورت پاڻي وجهڻ اسراف آهي جيڪو جائز نہ آهي تنهنڪري ضرورت وقت ئي قبر تي پاڻي وِڌو وڃي.

(ڏسو: فتاويٰ رضويه، 373/9، مدني مذاڪرو، 10 ربيع الاول 1442 ھ)

### (4) ڇا اڄ جي دور ۾ گوشہ نشيني ممڪن آهي؟

**سوال:** ڇا اڄ جي دور ۾ گوشہ نشيني ممڪن آهي؟

**جواب:** ممڪن تہ آهي، پر گوشہ نشيني جا پنهنجا آداب آهن، هر ماڻهو گوشہ نشين نہ ٿو ٿي سگهي، خاص طور تي اهڙا علماءِ ڪرام جن ڏانهن ماڻهن جو رجوع هجي ۽ اهي امت جا مسئلا حل ڪندا هجن ۽ جن جي گوشہ نشين ٿيڻ جي ڪري امت مشڪل ۾ پئجي وڃي، ڇوتہ اُمت انهن مان فائدو حاصل ڪري رهي آهي، ان لاءِ انهن کي گوشہ نشين ٿيڻ جي بلڪل منع آهي.

(مدني مذاڪرو، 21 ربيع الاول 1442 ھ)

## (5) آبِ زمزم مسجدِ حرام کان ٻاهر کڻي وڃڻ ڪيئن آهي؟

**سوال:** ڇا مسجدِ حرام مان آبِ زمزم پري ٻاهر کڻي وڃي سگهجي ٿو؟

**جواب:** جيڪي نلڪيون مسجدِ حرام جي اندر لڳل هونديون آهن اهي صرف اتي پيئڻ جي لاءِ آهن. گهر کڻي وڃڻ جي لاءِ خريدڻو پوندو آهي توڙي جو اتان جو رهائشي هجي، پر آبِ زمزم انمول هجڻ جي باوجود بہ تمام سستو ملندو آهي.

(مدني مذاڪرو، 10 ربيع الاول 1442 ھ)

## (6) سٺي موت جي تمنا ڪرڻ ڪيئن آهي؟

**سوال:** ڇا سٺي موت جي تمنا ڪرڻ درست آهي؟

**جواب:** سٺي موت جي تمنا ڪرڻ تمام ضروري آهي. دنيا جو سڀ کان وڏو گنهگار بہ بري موت کي پسند نہ ڪندو، ان جي تمنا بہ سٺي موت جي هوندي. هر شخص کي پنهنجي ايمان جو فڪر هجڻ گهرجي ۽ بري خاتمي کان بچڻ جو ذهن بہ هئڻ گهرجي. بزرگانِ دين رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْهِم الله پاڪ جي خفيہ تدبير (يعني ڳجهي فيصلي) ۽ بري خاتمي (يعني بري موت) کان تمام گهڻو ڊڄندا هئا. اسان کي بہ الله پاڪ کان ايمان ۽ عافيت تي خاتمي (يعني مرڻ) جي دعا ڪندو رهڻ گهرجي. ڪاش زيرِ گنبدِ خضرا جلوهءِ محبوب ۾ شهادت نصيب ٿي وڃي. (مدني مذاڪرو، 9 ربيع الاول 1442 ھ)

## (7) جنهن پاڻيءَ سان موءِ مبارڪ کي غسل ڏنو ويو هجي

### ان کي قبر تي ڇڙڪڻ ڪيئن آهي؟

**سوال:** جيڪڏهن ڪنهن وٽ اهڙو پاڻي هجي جنهن سان سرڪار صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي موءِ مبارڪ کي غسل ڏنو ويو هجي تہ ڇا ميت کي دفنائڻ وقت قبر ۾ ان پاڻيءَ جو ڇڙڪاءُ ڪري سگهجي ٿو؟

**جواب:** برڪت جي لاءِ ڪري سگهجي ٿو.

(مدني مذاڪرو، 9 محرم شريف، 1441 ھ)

## (8) ڇا مهر ۾ سون يا چاندي ڏيڻ لازمي آهي؟

**سوال:** ڇا شادي يا وِهانءَ جي موقعن تي سون يا چاندي ڏيڻ ضروري هوندو آهي؟

**جواب:** سون يا چاندي ڏيڻ ضروري نہ آهي، البتہ مڙس تي زال جو حق مهر ڏيڻ واجب هوندو آهي. حق مهر جو شرعي مقدار بہ تولا ساڍا ست ماشا چاندي آهي. ان حساب سان جيڪا رقم ٺهندي هجي اها حق مهر ۾ ڏيڻ واجب آهي. اهو مهر جو گهٽ ۾ گهٽ مقدار آهي، ان کان وڌيڪ جيترو بہ ڪو ڏيڻ چاهي ڏئي سگهي ٿو ان ۾ ڪو حرج نہ آهي. حق مهر ۾ سون ئي ڏيڻ ضروري نہ آهي پر جيڪڏهن ڪو

ڏيڻ چاهي تہ ڏئي سگهي ٿو.

(مدني مذاڪرو، 5 ربيع الاول، 1442 ھ)

## (9) ڇا ڪاڏي ڪائڻ دوران اٿي وڃڻ ڪاڏي جي بي ادبي آهي؟

**سوال:** جڏهن دڪاندار ڪاڏو ڪائي رهيو هوندو آهي تہ ان وقت گراهڪ اچي ويندو آهي ۽ چوندو آهي مون کي سامان ڏيو مون کي دير ٿي رهي آهي تہ ڇا هاڻي دڪاندار جو گراهڪ کي سامان ڏيڻ لاءِ اٿڻ درست آهي؟

**جواب:** دڪاندار جي مرضي آهي تہ ڪاڏو ڇڏي يا نہ، ٻنهي صورتن ۾ ڪو حرج نہ آهي. ڪاڏو ڪائڻ دوران اٿي وڃڻ سان ڪاڏي جي بي ادبي نہ ٿيندي آهي. ڪاڏو ڪائي رهيا هجو ۽ اوچتو دروازي تي ڪو اچي وڃي تہ ان وقت ڇا ڪندؤ؟ پلي ڪو دروازو ڪڙڪائيندو رهي اسان ڪاڏي تان نہ اٿنداسين ڇو تہ ڪاڏي جي بي ادبي ٿيندي آهي، پلي ٻاهر بيٺل شخص جي دل آزاري ٿيندي هجي، اهو پريشان ٿيندو رهي. ظاهر ڳالھ آهي تہ انسان ان وقت اٿي دروازو کوليندو. ائين ئي ڪاڏي ڪائڻ دوران جيڪڏهن پيشاب لڳي وڃي تہ پيشاب ڪرڻ تہ وڃڻو ئي پوندو، بهرحال اٿي وڃڻ ڪاڏي جي بي ادبي نہ سڏائيندو آهي.

(مدني مذاڪرو، 5 ربيع الاول، 1442 ھ)

## (10) ڇا موبائل فون جي بہ ذخيرہ اندوزي ٿيندي آهي؟

**سوال:** جهڙي طرح ماڻهو اٽو ۽ ڪنڊ وغيره جو اسٽاڪ ڪندا آهن، ڇا اهڙي طرح موبائل فون جو بہ اسٽاڪ ڪري سگهجي ٿو؟

**جواب:** اهي اناج جي ذخيره اندوزي متعلق ضروري مسئلا آهن، البتہ ڪنهن موبائل فون يا ان جا پرزا گڏ ڪيا آهن تہ ان ۾ ڪو حرج نہ آهي. پر هر معاملي ۾ مسلمان سان خيرخواهي ڪرڻ گهرجي. موبائل جو جڏهن اگهہ (ريٽ) وڌندو تہ دڪاندار جي دل ۾ خوشي ٿيندي پر مسلمان وڌيڪ رقم ڀڏي رنجيده ٿي ويندو. مسلمان جي خيرخواهي ان ۾ آهي تہ شيءِ کي مناسب قيمت تي وڪرو ڪيو وڃي.

(مدني مذاڪرو، 4 ربيع الاول، 1442 ھ)

## (11) نماز جي حالت ۾ عمامي تي نقش نعل پاڪ لڳائڻ ڪيئن آهي؟

**سوال:** ڇا عمامي شريف تي نقشِ نعل پاڪ لڳائي نماز پڙهي سگهجي ٿي؟

**جواب:** جيڪڏهن عمامي شريف تي نقشِ نعل پاڪ لڳائي نماز پڙهندؤ تہ سجدي جي حالت ۾ نقش زمين تي لڳندو، ان لاءِ نماز کان پهريان نقشِ نعل پاڪ لاهي کِيسي (جيب) ۾ رکي ڇڏڻ مناسب آهي.

(مدني مذاڪرو، 30 صفر شريف، 1442 ھ)




# احڪامِ تجارت

مفتي ابو محمد علي اصغر عطاري مدني

## (1) ورڪنگ پارٽنر جو اضافي رقم پاڻ وٽ رکڻ ڪيئن آهي؟

**سوال:** ڇا ٿا فرمائن علماءِ ڪرام هن مسئلي جي باري ۾ ته اسان ٻن ماڻهن گڏجي پارٽنرشپ ڪئي آهي، پئسا ٻنهي جا اڌ اڌ آهن، پر ڪم رڳو مان ڪندو آهيان، نفعو ٻئي اڌ، اڌ ڪٽندا آهيون. اسان شين جي وڪري جا ريٽ پاڻ ۾ مقرر ڪري ڇڏيا آهن ته فلاڻي شيءِ هن اگهه ۾ وڪڻبي آهي ۽ فلاڻي شيءِ هن ريٽ ۾. سوال اهو آهي ته ڇا آئون ڪا شيءِ مقرر ريٽ کان وڌيڪ ۾ وڪڻي اضافي نفعو پاڻ وٽ رکي سگهان ٿو ۽ پنهنجي پارٽنر کي ان ۾ شامل نه ڪيان؟ ڇو ته خريداري کان وٺي نفعي جي ورهاست تائين سڄي محنت منهنجي هوندي آهي؟

اَلْجَوَابُ بِعَوْنِ الْمَلِكِ الْوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الْحَقِّ وَالصَّوَابِ

**جواب:** پڇا ڪئي ويندڙ صورت ۾ توهان جو مقرر ريٽ کان وڌيڪ نفعو پاڻ وٽ رکڻ جائز نه آهي. جيترو به اضافي نفعو ملندو، اهو به طئي ٿيل نفعي جي مطابق توهان ٻنهي پائيوارن ۾ اڌ، اڌ ورهايو ويندو.

مسئلي جي تفصيل اها آهي ته پارٽنرشپ ۾ هر شريڪ ٻئي جو وڪيل ۽ امين هوندو آهي. شرڪت جي مال مان ڪو به پارٽنر ڪا به شيءِ وڪڻي رهيو هوندو آهي ته اها رڳو پنهنجي طرفان نه پر ٻئي پارٽنر جي طرفان به وڪڻي رهيو هوندو آهي. نفعي جي صورت ۾ ٻئي پارٽنر طئي ٿيل حصي مطابق ان جا حصيدار هوندا. تنهنڪري توهان جيڪا به شيءِ وڪڻندا، اها ٻنهي جي طرفان وڪامندي ۽ ان مان حاصل ٿيندڙ سمورو نفعو ٻنهي ۾ طئي ٿيل حصي مطابق ورهايو ويندو. پارٽنر کي ٻڌائڻ کان سواءِ نفعي مان ڪجهه حصو پاڻ وٽ رکڻ جائز نه آهي، توڙي جو توهان ٻنهي گڏجي طئي ڪيو آهي ته فلاڻي شيءِ هيتري ۾ وڪڻبي آهي ۽ پوءِ ان کان وڌيڪ رقم ۾ اوهان وڪرو ڪئي هجي، ڇو ته اهو طئي ڪرڻ سان وڌيڪ حاصل ٿيڻ واري نفعي مان پائيوار جو حصو ختم نه ٿيندو، اهو طئي ڪرڻ ته فقط نفعي جي اندازي لاءِ هوندو آهي، اصل نفعو ته وڪري کان پوءِ

ئي ظاهر ٿيندو آهي.

### (5) آبِ زمزم مسجدِ حرام کان ٻاهر ڪٿي وڃڻ ڪيئن آهي؟

**سوال:** ڇا مسجدِ حرام مان آبِ زمزم پري ٻاهر ڪٿي وڃي سگهجي ٿو؟

**جواب:** جيڪي نلڪيون مسجدِ حرام جي اندر لڳل هونديون آهن اهي صرف اتي پيئڻ جي لاءِ آهن. گهر ڪٿي وڃڻ جي لاءِ خريدڻو پوندو آهي توڙي جو اتان جو رهائشي هجي، پر آبِ زمزم انمول هجڻ جي باوجود بہ تمام سستو ملندو آهي.

(مدني مذاڪرو، 10 ربيع الاول 1442 ھ)

### (6) سٺي موت جي تمنا ڪرڻ ڪيئن آهي؟

**سوال:** ڇا سٺي موت جي تمنا ڪرڻ درست آهي؟

**جواب:** سٺي موت جي تمنا ڪرڻ تمام ضروري آهي. دنيا جو سڀ کان وڏو گنهگار بہ بري موت کي پسند نہ ڪندو، ان جي تمنا بہ سٺي موت جي هوندي. هر شخص کي پنهنجي ايمان جو فڪر هجڻ گهرجي ۽ بري خاتمي کان بچڻ جو ذهن بہ هئڻ گهرجي. بزرگانِ دين رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْهِم الله پاڪ جي خفيہ تدبير (يعني ڳجهي فيصلي) ۽ بري خاتمي (يعني بري موت) کان تمام گهڻو ڊڄندا هئا. اسان کي بہ الله پاڪ کان ايمان ۽ عافيت تي خاتمي (يعني مرڻ) جي دعا ڪندو رهڻ گهرجي. ڪاش زيرِ گنبدِ خضرا جلوهءِ محبوب ۾ شهادت نصيب ٿي وڃي. (مدني مذاڪرو، 9 ربيع الاول 1442 ھ)

### (7) جنهن پاڻيءَ سان موءِ مبارڪ کي غسل ڏنو ويو هجي ان کي قبر تي ڇڙڪڻ ڪيئن آهي؟

**سوال:** جيڪڏهن ڪنهن وٽ اهڙو پاڻي هجي جنهن سان سرڪار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي موءِ مبارڪ کي غسل ڏنو ويو هجي تہ ڇا ميت کي دفنائڻ وقت قبر ۾ ان پاڻيءَ جو ڇڙڪاءُ ڪري سگهجي ٿو؟

**جواب:** برڪت جي لاءِ ڪري سگهجي ٿو.

(مدني مذاڪرو، 9 محرم شريف، 1441 ھ)

### (8) ڇا مهر ۾ سون يا چاندي ڏيڻ لازمي آهي؟

**سوال:** ڇا شادي يا وِهانءَ جي موقعن تي سون يا چاندي ڏيڻ ضروري هوندو آهي؟

**جواب:** سون يا چاندي ڏيڻ ضروري نہ آهي، البتہ مڙس تي زال جو حق مهر ڏيڻ واجب هوندو آهي. حق مهر جو شرعي مقدار بہ تولا ساڍا ست ماشا چاندي آهي. ان حساب سان جيڪا رقم ٿيندي هجي اها حق مهر ۾ ڏيڻ واجب آهي. اهو مهر جو گهٽ ۾ گهٽ مقدار آهي، ان کان وڌيڪ جيترو بہ ڪو ڏيڻ چاهي ڏئي سگهي ٿو ان ۾ ڪو حرج نہ آهي. حق مهر ۾ سون ئي ڏيڻ ضروري نہ آهي پر جيڪڏهن ڪو

ڏيڻ چاهي تہ ڏئي سگهي ٿو.

(مدني مذاڪرو، 5 ربيع الاول، 1442 ھ)

## (9) ڇا ڪاڏي ڪائڻ دوران اٿي وڃڻ ڪاڏي جي بي ادبي آهي؟

**سوال:** جڏهن دڪاندار ڪاڏو ڪائي رهيو هوندو آهي تہ ان وقت گراهڪ اچي ويندو آهي ۽ چوندو آهي مون کي سامان ڏيو مون کي دير ٿي رهي آهي تہ ڇا هاڻي دڪاندار جو گراهڪ کي سامان ڏيڻ لاءِ اٿڻ درست آهي؟

**جواب:** دڪاندار جي مرضي آهي تہ ڪاڏو ڇڏي يا نہ، ٻنهي صورتن ۾ ڪو حرج نہ آهي. ڪاڏو ڪائڻ دوران اٿي وڃڻ سان ڪاڏي جي بي ادبي نہ ٿيندي آهي. ڪاڏو ڪائي رهيا هجو ۽ اوچتو دروازي تي ڪو اچي وڃي تہ ان وقت ڇا ڪندؤ؟ پلي ڪو دروازو ڪڙڪائيندو رهي اسان ڪاڏي تان نہ اٿنداسين ڇو تہ ڪاڏي جي بي ادبي ٿيندي آهي، پلي ٻاهر بيٺل شخص جي دل آزاري ٿيندي هجي، اهو پريشان ٿيندو رهي. ظاهر ڳالهہ آهي تہ انسان ان وقت اٿي دروازو کوليندو. ائين ئي ڪاڏي ڪائڻ دوران جيڪڏهن پيشاب لڳي وڃي تہ پيشاب ڪرڻ تہ وڃڻو ئي پوندو، بهرحال اٿي وڃڻ ڪاڏي جي بي ادبي نہ سڏرائيندو آهي.

(مدني مذاڪرو، 5 ربيع الاول، 1442 ھ)

## (10) ڇا موبائل فون جي بہ ذخيره اندوزي ٿيندي آهي؟

**سوال:** جهڙي طرح ماڻهو اٽو ۽ کنڊ وغيره جو اسٽاڪ ڪندا آهن، ڇا اهڙي طرح موبائل فون جو بہ اسٽاڪ ڪري سگهجي ٿو؟

**جواب:** اهي اناج جي ذخيره اندوزي متعلق ضروري مسئلا آهن، البتہ ڪنهن موبائل فون يا ان جا پرزا گڏ ڪيا آهن تہ ان ۾ ڪو حرج نہ آهي. پر هر معاملي ۾ مسلمان سان خيرخواهي ڪرڻ گهرجي. موبائل جو جڏهن اگهہ (ريٽ) وڌندو تہ دڪاندار جي دل ۾ خوشي ٿيندي پر مسلمان وڏيڪ رقم ڀڏي رنجيده ٿي ويندو. مسلمان جي خيرخواهي ان ۾ آهي تہ شيءِ کي مناسب قيمت تي وڪرو ڪيو وڃي.

(مدني مذاڪرو، 4 ربيع الاول، 1442 ھ)

## (11) نماز جي حالت ۾ عمامي تي نقش نعل پاڪ لڳائڻ ڪيئن آهي؟

**سوال:** ڇا عمامي شريف تي نقشِ نعل پاڪ لڳائي نماز پڙهي سگهجي ٿي؟

**جواب:** جيڪڏهن عمامي شريف تي نقشِ نعل پاڪ لڳائي نماز پڙهندؤ تہ سجدي جي حالت ۾ نقش زمين تي لڳندو، ان لاءِ نماز کان پهريان نقشِ نعل پاڪ لاهي کِيسي (جيب) ۾ رکي ڇڏڻ مناسب آهي.

(مدني مذاڪرو، 30 صفر شريف، 1442 ھ)





# حضرت سعد بن عبادہ رَضِیَ اللہُ عَنْہُ

مولانا عدنان احمد عطاري مدني

عهدِ رسالت ۾ هڪ صحابيءِ رسول رَضِیَ اللہُ عَنْہُ پنهنجي والده ماجده سان تمام گهڻي محبت ڪندو هو. سن 5 هجري ماهِ ربيعُ الاول غزوهءِ دُوْمَة الْجَنْدَل جي موقعي تي سندن والده جو انتقال ٿي ويو. غزوه کان واپسيءَ تي صحابيءِ رسول کي هڪ سعادت مند پٽ وانگر والده ماجده جي ايصالِ ثواب لاءِ فڪر ٿيڻ لڳو، تنهنڪري بارگاهِ رسالت ۾ عرض ڪيائين: يارسولَ الله صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! منهنجي والده انتقال ڪري وئي آهي، (انهن لاءِ) ڪهڙو صدقو افضل آهي؟ ارشاد فرمايائون: پاڻي. پوءِ صحابيءِ رسول رَضِیَ اللہُ عَنْہُ هڪ کوهه کوٽرايو ۽ چيائون: هيءُ اُمِ سعد جي لاءِ آهي.

(ابو داؤد، 180/2، حديث:1681-طبقات ابن سعد، 461/3)

**پيارا اسلامي ڀائرو!** پنهنجي والده ماجده سان تمام گهڻي محبت ڪرڻ وارا ۽ سندن نامهءِ اعمال ۾ ثواب جو عظيم ذخيرو پهچائڻ وارا سعادت مند فرزند مشهور صحابيءِ رسول حضرت سعد بن عُبادَه رَضِیَ اللہُ عَنْہُ هئا.

**قبولِ اسلام:** حضرت سعد بن عباده رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جي ڪنيت ابوثابت ۽ ابو قيس آهي. پاڻ قبيلهءِ خزرج جا سردار ۽ انصار صحابهءِ ڪرام ۾ بلند مقام ۽ وجاهت رکندا هئا. (الاستيعاب، 161/2) پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہُ 70 يا 72 ماڻهن جي ان خوش نصيب جماعت ۾ شامل هئا جن اعلانِ نبوت جي تيرهين سال حج جي موسم ۾ مِنيٰ جي وادي ۾ رحمتِ عالم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي دستِ اقدس تي بيعت ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪئي ۽ پنهنجو نالو تاريخ ۾ سونهري لفظن سان لکرايو. (طبقات ابن سعد،461/3) جڏهن قريشن کي ان بيعت جو حال معلوم ٿيو تہ اهي آپي کان ٻاهر ٿي ويا ۽ بيعت ڪرڻ وارن کي گرفتار ڪرڻ چاهيو پر پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہُ ڪانسواءِ ٻئي ڪنهن کي پڪڙي نہ سگهيا. ڪافرن پهريان تہ ڪجاوي جي رسي ڪٽي پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جي هٿن کي ڳچيءَ سان ٻڌو، پوءِ وارن کان ڇڪيندي ۽ شديد مار ڏيندي مڪي شريف آندو ۽ قيد ڪري ڇڏيو. جڏهن جُبَيْر بن مَطْعَم ۽ حارث بن حَرب بن اُمَيہ کي خبر پئي تہ انهن قريشن کي سمجهايو تہ کين فوراً ڇڏي ڏيو ورنہ اوهان جي ملڪِ شام

جي تجارت خطري ۾ پئجي ويندي. اهو ٻڌي قريشن کين قيد مان آزاد ڪري ڇڏيو، اهڙي طرح پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ خير ۽ عافيت سان مديني پهچي ويا. (سيرت ابن ہشام،ص179 ملخصاً)

**اوصافِ مبارڪ:** زمانهء جاهليت ۾ عربي لکڻ پڙهڻ وارن جو تعداد نهايت گهٽ هو پر پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ ان دور ۾ به عربي لکندا هئا. تير اندازي ۾ پنهنجو مثال پاڻ هئا جڏهن ته تيراڪي (Swimming) ۾ به بي مثال هئا. انهن خاصيتن جي ڪري پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي ڪامل يعني ”باڪمال“ چيو ويندو هو.(طبقات ابن سعد، 460/3)

**ڪمال جي مهمان نوازي:** حضرت سعد بن عباده رَضِيَ اللهُ عَنْهُ بيحد ڪريمُ النفس ۽ خوش اخلاق هئا. سخاوت ۽ مهمان نوازي جي وصف سان مالا مال هئا جيڪو کين والد ۽ ڏاڏي جي طرف کان وراثت ۾ مليو هو. پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جو گهر بلند جاءِ تي واقع هو جتان روزانو اعلان ڪيو ويندو هو: جيڪو گيهه ۽ گوشت کي پسند ڪري ٿو، اهو سعد بن عباده جي گهر هليو اچي. (طبقات ابن سعد، 461/3) صحابهء ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهم اصحابِ صُفه مان هڪ هڪ، يا ٻن ٻن کي پاڻ سان گڏ وٺي ويندا هئا، جڏهن ته حضرت سعد بن عباده رَضِيَ اللهُ عَنْهُ ڪڏهن ڪڏهن پاڻ سان گڏ 80 اصحابن کي ساڻ وٺي ويندا هئا، انهن کي پاڻ وٽ رهائيندا هئا ۽ مهمانن جي خوب خاطر تواضع ڪندا هئا.

(مصنف ابن ابي شيبه 555/13، حديث: 27154)

**دعا:** سندن دعائن ۾ هيءَ دعا به شامل هوندي هئي: اي الله! مونکي دولت عطا فرماءِ ڇو ته مال جي ذريعي ئي ڪم صحيح ۽ درست ٿيندا آهن. (مصنف ابن ابي شيبه، 553/13، حديث: 27150)

## بارگاهِ رسالت ۾ کاڌو پيش ڪندا هئا:

جڏهن تسڪينِ عالَم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مديني ۾ جلوه فرما ٿيا ته پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ روزانو هڪ وڏي ٿانوَ ۾ ماني جا ٽڪرا ڪري ان ۾ ڪڏهن سرڪو ۽ زيتون ته ڪڏهن کير يا گيهه ملائيندا هئا، جڏهن ته اڪثر اوقات گوشت جي شوربي ۾ ثُريد ٺاهي بارگاهِ رسالت ۾ پيش ڪندا هئا. (طبقات ابن سعد، 461/3)

## برڪت حاصل ڪرڻ جو انوکو انداز:

هڪ ڀيرو رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي گهر تشريف فرما ٿيا ۽ سلام ڪيائون ته پاڻ هلڪي آواز ۾ سلام جو جواب عرض ڪيو. جانِ بزمِ عالَم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٻيهر سلام ڪيو ته پاڻ ٻيهر به هلڪي آواز سان جواب عرض ڪيو. جنهن تي گهر وارن ڪائنن پڇيو: اوهان بلند آواز سان جواب ڏئي

مهربانِ عالَم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي اسان جي گهر ۾ قدم رکڻ لاءِ چو عرض نہ ٿا ڪيو؟ پاڻ فرمايائون: خاموش رهو تہ جيئن سيد عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي طرف کان اسان کي گهڻي کان گهڻا سلام نصيب ٿين. سرڪارِ دو عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٽيون ڀيرو سلام ارشاد فرمايو تہ اوهان وري آهستي جواب ڏنو. ٽي دفعا سلام فرمائڻ کان پوءِ نورِ عالَم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم واپس وڃڻ لڳا تہ پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہُ پٺيان ڊوڙيا ۽ عرض گذار ٿيا: يارسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اسان گهر ۾ ئي هئاسين ۽ سلام جو جواب آهستي آواز ۾ ڏئي رهيا هئاسين تہ جيئن اوهان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بار بار اسان لاءِ سلامتي جي دُعا فرمائيندا رهو. پوءِ وڏي تعظيم سان جانِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي پنهنجي گهر وٺي آيا ۽ غسل لاءِ پاڻي جو انتظام ڪيائون. ان کان پوءِ زعفران سان رنگيل چادر پيش ڪيائون تہ سرورِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي اوڍي ڇڏيو ۽ دعا لاءِ هٿ کنيا: اي الله! سعد بن عباده جي آل تي پنهنجي مهرباني ۽ رحمت نازل فرماءِ. جڏهن سردار دو عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪاڏو ڪائڻ کان پوءِ واپس ٿيڻ لڳا تہ پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہُ پنهنجي گڏهہ تي پالان رکيو ۽ ان کي بطورِ سواري پيش ڪيائون. (ابو داؤد، 445/4، حديث:5185-مسند بزار، 196/9، حديث:3744 ملخصاً)

**عَلَم بَردار:** آقاءِ دو عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم عام طور تي جنگين ۾ ٻہ جهنڊا رکندا هئا. مهاجرن جو جهنڊو حضرت مولا علي رَضِیَ اللہُ عَنْہُ وٽ هوندو هو، جڏهن تہ انصارن جو جهنڊو حضرت سعد بن عباده رَضِیَ اللہُ عَنْہُ سنڀاليندا هئا.

(مصنف عبد الرزاق، 195/5، حديث:9703)

**وصال مبارڪ:** رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي هن دنيا کان پردو فرمائڻ بعد حضرت سعد بن عباده رَضِیَ اللہُ عَنْہُ ملڪِ شام ۾ رهڻ پسند فرمايو ۽ پوءِ پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہُ سن 15 هجري ۾ سرزمينِ شام جي علائقي "حَوْران" ۾ رهائش دوران هن سَراءِ فاني کان ملڪِ عدم جي طرف ڪوچ فرمايو. (طبقات ابن سعد، 463/3)

الله پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.

اٰمِین بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم



# حضرت عامر بن واثله ۽ حضرت مستورد بن شداد رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُم

مولانا اويس يامين عطاري مدني

## (1) نسوار رکي سُمهي رهيو ۽ سحري جو وقت گذري ويو ته روزي جو حڪم؟

**سوال:** ڇا ٿا ننڍي عمر ۾ جن ٻارن کي الله پاڪ جي آخري نبي حضرت محمد مصطفیٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو صحابي هئڻ جو شرف حاصل ٿيو، انهن ۾ حضرت عامر بن واثله ۽ حضرت مُسْتَورد بن شدّاد رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُم پڻ شامل آهن. اچو ته! انهن جي باري ۾ پڙهي پنهنجين دلين کي محبتِ صحابهٔ ڪرام سان روشن ڪيون:

### حضرت عامر بن واثله رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ

پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي ولادت غزوهٔ اُحد جي سال يعني 3 هجري ۾ ٿي، (معرفة الصحابه لابي نعيم، 449/3) پاڻ پنهنجي ڪنيت ابوطفيل سان مشهور آهن.

**تعدادِ روايات:** اوهان کان 9 حديثون مروي آهن. (الاعلام للزرکلي، 256/3)

**نمڪين حُسن وارا:** حضرت ابوطفيل عامر بن واثله حضورِ اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي حسنِ مبارڪ کي بيان ڪندي فرمايو: رَاَيْتُ رَسُوْلَ اللّٰهِ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ كَانَ اَبْيَض مَلِيحًا مُقَصَّدًا يعني مون رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ڏٺو، پاڻ حسين، نمڪين حُسن وارا، وچولي قد جا هئا. (مسلم، ص981، حديث: 6072، مشكواة المصابيح، 360/2، حديث: 5785)

مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: حُسن ٻن قسمن جو ٿيندو آهي: مليح ۽ صبيح. مليح جنهن جو ترجمو آهي نمڪين حسن، جيتوڻيڪ صباحت به حسن آهي پر ملاحت حسن جو اعلیٰ درجو آهي. انهن ۾ فرق بيان سان معلوم نه ٿو ٿي سگهي بلڪ ان جي سڃاڻپ عاشق جي نگاهه ڪندي آهي، ان جي بيان کان زبان قاصِر آهي. اعلیٰ حضرت قُدس سره فرمايو: شعر

ذِکر سب پھیکے جب تک نہ مذکور ہو
نمکین حُسن والا ہمارا نبی

ايئن سمجهو ته اڇو رنگ صَبيح آهي ۽ ان ۾ سُرخي جي جهلڪ هجي ۽ ان ۾ ڪشش هجي جو دل ان ڏانهن ڇڪجي وڃي ۽ ديد (اک) ان جي ديدار کان سير نه ٿئي، اُهو مليح آهي يعني نمڪين حُسن آهي. حضُور ائين ئي حسين هئا. (مرآة المناجيح، 51/8)

**وصال:** پاڻ حضورِ اکرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ظاهري حيات شريف جا 8 سال ماڻيا، پاڻ سِن 110 هجري ۾ مڪ مڪرمہ ۾ وفات ڪيائون، صحابہِ ڪرام عليهمُ الرّضوان ۾ سيني کان آخر ۾ پاڻ رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ جو وصال ٿيو. (معرفة الصحابه لابي نعيم، 449/3)

## حضرت مُستورد بِن شداد رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُما

پاڻ رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ جو شمار ننڍي عمر وارن اصحابن ۾ ٿئي ٿو، پر پاڻ حضورِ اکرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ڪلام شريف ياد رکيائون ۽ روايت ڪيائون. (مرأة المناجيح، 2/7 ملخصاً)

**تعدادِ روايات:** اوهان کان 7 حديثون مروي آهن. (تهذيب الاسمآء واللغات، 394/2)

**وُضو ۾ پيرن جو خلال ڪرڻ:** هڪ روايت ۾ پاڻ رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ فرمائن ٿا تہ مون رسولِ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ڏٺو تہ جڏهن وُضو ڪندا هئا تہ پنهنجي هٿ جي ڇيچَ سان پنهنجي پيرن جي آڱرين جو خلال ڪندا هئا. (ترمذي، 111/1، حديث:40)

**وصال:** حضورِ اکرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي وصالِ ظاهري جي وقت پاڻ رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ نوعمر هئا. (طبقات ابن سعد، 128/6) پاڻ رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ سِن 45 هجري ۾ مصر يا اسڪندريہ ۾ وفات ڪيائون

(معرفة الصحابه لابي نعيم، 286/4)

الله پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم



# ڏند سلامت رهيا

مولانا سيد عمران اختر عطاري مدني

حضرت بُجَير بن بَجُرھ رَضِیَ اللہُ عَنْہُ کان روايت آهي تہ مان ان لشڪر ۾ هئس جنهن تي پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت خالد بن وليد رَضِیَ اللہُ عَنْہُ کي سپهہ سالار بڻائي دُومَةُ الجَنْدَل (دومۃ الجندل مدینہ منورہ سے تقریباً 800کلومیٹر کی دوری پر شام کے قریب واقع ہے۔) جي عيسائي حڪمران اُڪيدر بن عبدالملڪ کي گرفتار ڪرڻ لاءِ روانو ڪيو هو ۽ گڏوگڏ اهو بہ فرمايو هو تہ اڪيدر سان مقابلي ۾ ڪاميابي ملي تہ ان کي قتل نہ ڪجو بلڪ منهنجي سامهون پيش ڪجو. هي ڪو ميداني مقابلو تہ هو ڪو نہ جتي سَيف الله يعني حضرت خالد بن وليد رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جهڙي ماهر سپهہ سالار کي پنهنجي تلوار ۽ جنگي تدبير جا جوهر ڏيکارڻا هئا بلڪ وڏي شهر جي وچ مان اتان جي بادشاهہ کي ان جي ئي محل مان گرفتار ڪرڻو هو جيڪو آسان ڪم نہ هو. ڪجهہ اهڙي قسم جي تشويش حضرت خالد بن وليد رَضِیَ اللہُ عَنْہُ کي ٿي جو هنن پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سامهون ان تشويش جو اظهار ڪيو. غيبن تي خبردار، ٻنهي جهانن جي مالڪ و مختار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هي فرمائي سندن پريشاني ختم ڪري ڇڏي تہ توهان ان کي ڳئون جو شڪار ڪندي ڏسندؤ، تڏهن کيس گرفتار ڪري وٺجو. پوءِ حضرت خالد بن وليد رَضِیَ اللہُ عَنْہُ روانا ٿيا ۽ اتي پهچي اُڪيدر جي قلعي تي نظر رکڻ لڳا. اها چانڊوڪي رات هئي، قلعي جو سڄو منظر صاف نظر اچي رهيو هو. خدا جي قدرت ڏسو تہ اوچتو هڪ ڳئون ڪٿان هلي آئي ۽ اچي قلعي جي دروازي سان پنهنجا سِڱَ رڳڙڻ لڳي. ان وقت اڪيدر پنهنجي زوجہ سان گڏ قلعي جي ديوار تي موجود هو. سندس زوجہ مٿان کان ڳئون کي ڏسي ورتو ۽ اُڪيدر کي ٻڌايو تہ هو پنهنجي ڀاءُ حسان ۽ غلامن سان گڏ ڳئون جو شڪار ڪرڻ لاءِ فوراً ٻاهر نڪتو، حضرت خالد بن وليد رَضِیَ اللہُ عَنْہُ تہ پهريان ئي ان وقت جي انتظار ۾ هو جيئن تہ پاڻ پنهنجي لشڪر سان يڪدم انهن کي گهيري ورتو. ان جو ڀاءُ پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جي ڪم ۾ رڪاوٽ بڻيو ۽ مقابلو ڪرڻ لڳو تہ ماريو ويو. البتہ اُڪيدر کي نبيءِ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي

حڪم مطابق زندهہ پڪڙي بارگاھِ رسالت ۾ پيش ڪيو ويو. حضرت بجير بن بجره رَضِیَ اللہُ عَنْہُ کي ان رات وڏي حيرت ٿي هئي تہ ڪيئن نبيِ ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي ڳالهہ لفظ بہ لفظ پوري ٿي جو اوچتو محل جي ويجهو ڳئون اچي نڪتي ۽ ان جي شڪار لاءِ اڪيدر کي ٻاهر اچڻو پيو. جيئن تہ جڏهن نبيِ ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم وٽ پهتا تہ حضرت بجير بن بجره رَضِیَ اللہُ عَنْہُ ساراهہ ۾ هي شعر پيش ڪيا:

تَبَارَكَ سَائِقُ الْبَقَرَاتِ اِنِّیْ
رَاَيْتُ اللّٰهَ يَهْدِی كُلَّ هَادِ
فَمَنْ يَكُ عَائِدًا عَنْ ذِیْ تَبُوْك
فَاِنَّا قَدْاُمِرْنَا بِالْجِهَاد

ترجمو: الله پاڪ بابرڪت آهي جيڪو ڳئون کي هلائڻ وارو آهي، مون ڏٺو آهي تہ الله پاڪ هدايت ڏيڻ وارن جي رهنمائي فرمائيندو آهي. (يعني جيئن تہ توهان صَلَّی اللہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ماڻهن کي هدايت فرمايو ٿا تہ الله پاڪ غيبي ڳالهيون ٻڌائي توهان جي رهنمائي فرمائي ٿو) **جڏهن اسان کي جهاد جو حڪم ملي ويو آهي تہ پلا هاڻي ڪير تبوڪ کان واپس وڃي سگهي ٿو.**

نبي اڪرم صَلَّی اللہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم (شعرن تي خوش ٿي) فرمايو: لَا يَفْضُضِ اللّٰهُ فَاكَ يعني الله پاڪ توهان جا ڏند سلامت رکي. دعاءِ نبوي جو معجزاتي شان ڏسو تہ عمر جا نوي سال گذري وڃڻ جي باوجود بہ سندن ڪا بہ هوڙ يا ڏند ڪرڻ تہ پري جي ڳالهہ آهي ڪڏهن لُڏيو بہ نہ. (ڏسو سيرت سيدالانبياء، ص 160، 219- تاريخ ابن عساڪر، 9 / 202، 203. اسد الغابہ، 1 / 246)

اهڙي قسم جو معاملو هڪ ٻئي صحابي حضرت نابغه جَعْدي رَضِیَ اللہُ عَنْہُ سان بہ پيش آيو. هنن حضورِ اڪرم صَلَّی اللہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي بارگاهہ ۾ نعتِ مصطفیٰ تي مشتمل شعر ٻڌايا تہ حضورِ اڪرم صَلَّی اللہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم شعرن جي ساراهہ ڪندي انهن کي بہ ڏندن جي سلامت رهڻ جي دعا ڏني. جنهن جي سبب انهن کي بہ دعاءِ نبوي جي برڪتن مان خوب حصو مليو. راوي چون ٿا تہ مون حضرت نابغه جَعدي رَضِیَ اللہُ عَنْہُ کي ڏٺو تہ سندن ڏند سڀني ماڻهن کان تمام گهڻا سهڻا هئا. جيڪڏهن سندن ڪو ڏند ڪري بہ پوندو هو تہ ان جي جاءِ تي ٻيو نڪري ايندو هو، حالانڪ سندن عمر وڏي هئي. هڪ روايت ۾ آهي تہ دعاءِ نبوي جي برڪت سان حضرت نابغه هڪ سؤ ويهہ سالن تائين زنده رهيا پر انهن جو نہ ڪو ڏند ڪريو ۽ نہ ڪڏهن لُڏيو، انهن جا ڏند برف جي ڳڙن وانگر روشن ۽ چمڪدار هئا. (ڏسو: الاصابة في تميزالاصحابة، 311/6 ، 312، الاستيعاب في معرفة الاصحاب. 79/4)

هنن واقعن ۾ حضرت بُجَير بن بَجُره ۽ حضرت نابغه رَضِيَ اللهُ عَنْهُما جي ڏندن جو پوڙهائپ ۾ به مضبوط ۽ برقرار رهڻ حضور اکرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو حيرت

نگيز معجزو آهي. ايڏي وڏي عمر ۾ عام طور تي ڏند ڪري پوندا آهن ۽ جيڪڏهن ڪجهه باقي به رهجي وڃن ته تمام ڪمزور، پيلا ۽ ميرا ٿي ويندا آهن، تهنڪري **90** بلڪ **120** سالن جي عمر ۾ به سيني ڏندن جو مضبوط، سهڻو ۽ چمڪدار رهڻ واقعي حيرتناڪ آهي. معجزهٔ نبوي جي هنن واقعن ۾ ڪجهه ڳالهيون سبق آموز آهن:

وڏا جيڪڏهن ڪنهن ڪم جو چون ته جيتوڻيڪ اهو ڪم مشڪل هجي پر سعادت سمجهي جان ۽ دل سان قبول ڪرڻ گهرجي.

مشڪلن کان گهٻرائجي وڃڻ بزدلي جڏهن ته مشڪلن سان منهن ڏيڻ بهادري آهي.

ڪنهن جي طرفان ڏنل ڪنهن اهم ڪم جي ذميواري قبول ڪرڻ وقت ان ڪم ڪرڻ ۾ ڪا مشڪل يا پريشاني محسوس ٿئي ته ان ئي وقت ڪم ڏيڻ واري سان پنهنجي پريشاني بيان ڪري ڇڏڻ گهرجي ته جيئن هو پريشاني ختم ڪري ڇڏي يا ڪم ڪنهن ٻئي کي ڏيڻ چاهي ته ان کي ڏئي ڇڏي.

جڏهن به ڪنهن جو ڪو ڪم پنهنجي ذمي ڪڻون ته ڪم ڏيڻ واري جي خاص هدايتن، تجويزن ۽ ان جي مرضي مطابق ئي ڪم پورو ڪيون.

حضورِ اکرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ساراهه ۽ نعت پڙهڻ صحابه ڪرام جو معمول رهيو آهي.

ڪنهن جي چڱي ڳالهه جي ساراهه ۽ حوصلا افزائي ڪرڻ اداءِ مصطفىٰ آهي.

جيڪڏهن ڪو اسان جي جائز تعريف ڪري ته اسان کي شڪرانې طور تي ڪيس دعا ڏيڻ گهرجي.

الله پاڪ جي عطا سان اسان جا پيارا آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم علمِ غيب ڄاڻيندا آهن.





(قسط:01)

# اسلام جو معاشي نظام

مولانا فرمان علي عطاري مدني

معيشت انساني زندگي جو لازمي حصو آهي، ان جي اهميت کي بيان ڪندي عظيم فقيہ ۽ مفتي حضرت علامہ مولانا محمد امجد علي اعظمي رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيْه فرمائن ٿا تہ انساني ضرورتون ايتريون تہ وڌيڪ ۽ انهن جي حاصل ڪرڻ ۾ ايتريون مشڪلاتون آهن جو هر شخص جيڪڏهن پنهنجين سمورين ضرورتن کي پاڻ اڪيلو پورو ڪرڻ چاهي تہ غالباً عاجز ٿي ويندو ۽ پنهنجي زندگي جا ڏينهن بهتر انداز سان نہ گذاري سگهندو، تنهنڪري اُن حڪيم مُطلق (عزوجل) انساني جماعت کي مختلف شعبن ۽ انيڪ قسمن ۾ ورهايو تہ جيئن هر هڪ جماعت هڪ هڪ ڪم سرانجام ڏئي ۽ سيني جي ڪوشش سان ضرورتون پوريون ٿين. مثال طور ڪو هارپو ڪري ٿو، ڪو ڪپڙو ٺاهي ٿو تہ ڪو دستڪاري ڪري ٿو، جيئن هارپو ڪرڻ واري کي ڪپڙي جي ضرورت آهي، ڪپڙو ٺاهڻ واري کي اناج جي ضرورت آهي، نہ هي اُن کان بي پرواهہ آهي نہ هُو هن کان بي نياز، بلڪہ هر ڪنهن کي هڪ ٻئي جي ضرورت آهي، تنهنڪري اها ضرورت پيدا ٿي تہ هِن جي شيء هُن وٽ وڃي ۽ هُن جي شيءِ هِن وٽ اچي تہ جيئن سيني جون حاجتون پوريون ٿين ۽ ڪمن ۾ مشڪلاتون نہ ٿين. هتان کان معاملن جو سلسلو شروع ٿيو، بيع (خريد و فروخت) وغيره هر قسم جا معاملا وجود ۾ آيا.(i)

دينِ اسلام جهڙي طرح زندگي جي هر شعبي ۾ اسان جي رهنمائي ڪئي آهي اهڙي طرح ڪمائي ۽ تجارت ڪرڻ ۽ روزي ڪمائڻ جي حوالي سان بہ بهترين معاشي نظام مهيا ڪيو آهي ۽ ان جا تفصيلي اصول ۽ قانون سيکاريا آهن. دينِ اسلام جو معاشي نظام ڀلائي، خير خواهي، عدل، توڪل ۽ قناعت جهڙين خوبين تي قائم آهي.

جيڪڏهن اسان معيشت ۽ اسلامي تعليمات تي غور ڪيون تہ هن عنوان کي 6 قسمن ۾ تقسيم ڪري بيان ڪري سگهون ٿا (1): ڪسب معاش ۽ اسلامي تعليمات (2): جاهليت جي زماني جي معاشي نظام جو سرسري جائزو (3): صحابہءِ ڪرام ۽ ذريعہءِ معاش (4): معاشي نظام جي تباهي جا سبب اسلام جي نظر ۾ (5): معاشي نظام جي

استحڪام جي لاءِ اسلامي قانون (6): جديد معاشي ذريعا ۽ اسلامي تعليمات.

**ڪسبِ معاش ۽ اسلامي تعليمات:** ڪسبِ معاش لاءِ ڪوشش ڪرڻ خود شارعِ اسلام جي سنت آهي ۽ اسلامي تعليمات به هر مسلمان کي اهو ئي درس ڏين ٿيون ته هر هڪ پنهنجي ۽ پنهنجي اهل ۽ عيال جي ڪفالت ۽ پرورش لاءِ ذريعهءِ معاش کي اختيار ڪري ۽ رزق جو انتظام ڪري. الله پاڪ يقيناً جنن، انسان، حشرات ۽ حيوانن سيني جي رزق جو ضامن آهي، اهو قادرِ مطلق بيشڪ اسان جي محنت ۽ ڪوشش کان سواءِ به اسان کي ڪارائڻ تي قدرت رکي ٿو، پر ڪسبِ معيشت جو حڪم به اُن ئي ڏنو آهي. قرآن ڪريم ۾ ڪيترن ئي جاين تي ان جي ترغيب ڏني وئي آهي، جيئن ارشادِ رباني آهي:

﴿ وَّ جَعَلۡنَا النَّهَارَ مَعَاشًا ﴿۱۱﴾ ﴾ ترجمو ڪنزالايمان: ۽ ڏينهن کي روزگار لاءِ بڻايو.[ii]

﴿ وَ مِنۡ رَّحۡمَتِهٖ جَعَلَ لَكُمُ الَّيۡلَ وَ النَّهَارَ لِتَسۡكُنُوۡا فِيۡهِ وَ لِتَبۡتَغُوۡا مِنۡ فَضۡلِهٖ وَ لَعَلَّكُمۡ تَشۡكُرُوۡنَ ﴿۷۳﴾ ﴾ ترجمو ڪنزالايمان: ۽ ان پنهنجي مِهر (رحمت) سان توهان لاءِ رات ۽ ڏينهن بڻايا ته رات ۾ آرام ڪيو ۽ ڏينهن ۾ ان جو فضل ڳوليو (يعني ڪسب معاش ڪيو) ۽ ان لاءِ ته اوهان حق مڃيو.[iii]

نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم به، نه صرف ان جي ترغيب ارشاد فرمائي آهي بلڪ پنهنجي اهل و عيال جي ڪفالت لاءِ محنت ۽ مشقت ڪرڻ وارن جي حوصله افزائي به فرمائي آهي. جيئن ته فرمان مصطفيٰ آهي: اِنَّ اللهَ يُحِبُّ الۡمُؤۡمِنَ الۡمُحۡتَرِفَ يعني الله پاڪ پيشه ور (ڪم ڪار ڪرڻ واري) مومن کي پسند فرمائيندو آهي.[iv] هڪ حديث پاڪ ۾ فرمايو ويو ته جيڪو پنهنجي هٿ جي ڪم سان ٿڪجي شام ڪندو آهي اهو مغفرت يافته ٿي شام ڪندو آهي.[v] وڌيڪ ارشاد فرمايو ويو: جنهن پنهنجو پاڻ کي سوال ڪان بچائڻ، پنهنجي اهل و عيال لاءِ ڀڄ ڊوڙ ڪرڻ ۽ پنهنجي پاڙيسري تي مهرباني ڪرڻ لاءِ حلال طريقي سان دنيا طلب ڪئي اهو الله پاڪ سان ان حال ۾ ملندو جو ان جو چهرو چوڏهينءَ جي چنڊ وانگر چمڪندو هوندو.[vi]

**جاهليت جي زماني جي معاشي نظام جو سرسري جائزو:** بازارون تجارت جي سامان جي خريد فروخت ۽ سرمايو وڌائڻ جو نهايت موثر ذريعو هونديون آهن، انهن جي بدولت تاجر پنهنجو تجارت جو سامان فروخت ڪندا آهن ۽ خريدار قيمت ادا ڪري پنهنجي ضرورت جون شيون خريد ڪندا آهن، بازارن جو اهو قديم رواج اسلام کان پهريان به رائج هو. زمانهءِ جاهليت ۾ عُڪَاظ، مَجَنَّة، ذُو الۡمَجاز، حباشه، دبا نالي مختلف نالن

سان بازارون لڳنديون هيون، انهن ۾ سڀ کان وڏي بازار عُڪاظ هئي.

**نبي ڪريم** صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم **تبليغ اسلام** جي ارادي سان انهن بازارن جو دورو فرمائيندا هئا ۽ بازارن ۾ ٿيندڙ خريد ۽ فروخت جي معاملن کي بہ ملاحظ فرمائيندا هئا. **پاڻ** صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم **دور جاهليت** ۾ ٿيڻ واريون ناجائز خريد ۽ فروخت جون صورتون بيان فرمايون آهن ۽ تاجر ۽ خريدار ٻنهي کي نقصان کان بچائڻ لاءِ ان تجارت جي خرابين جي نشاندهي فرمائي آهي، مثال طور:

(1) **بيع ملامسہ:** اها آهي تہ هڪ شخص ٻئي شخص جو ڪپڙو ڇُهيو ۽ اُٿلائي پُٿلائي نہ ڏٺو (2) **بيع منابذہ:** اها آهي تہ هڪ شخص پنهنجو ڪپڙو ٻئي جي طرف اڇلايو ۽ ٻئي ان جي طرف اڇلايو، اها ئي بيع ٿي وئي، نہ ٻنهي ڪپڙي کي ڏٺو ۽ نہ ئي ٻنهي جي رضامندي شامل ٿي.[vii] (3) **بيع مصراة:** اها آهي تہ جانور جي ٿڻن ۾ کير کي روڪيو وڃي ۽ ڪجهہ ڏينهن تائين ڏُهيو نہ وڃي.[viii] تہ جيئن خريدار ان کي زياہ کير ڏيڻ وارو سمجهي ان ۾ رغبت ڪري. (4) **بيع نجش:** اها آهي تہ شيءِ جي قيمت وڌائي ۽ پاڻ خريد ڪرڻ جو ارادو نہ رکندو هجي، ان مان مقصد اهو هوندو آهي تہ ٻيو گراهڪ رغبت ڪري ۽ قيمت کان وڌيڪ رقم ڏئي خريد ڪري ۽ اهو حقيقت ۾ خريدار کي ڌوکو ڏيڻ آهي.[ix]

دورِ جاهليت ۾ تجارت جي انهن صورتن کان علاوہ بہ خريد ۽ فروخت جون ناجائز صورتون هيون، جن ۾ يا تہ فريقين جي رضامندي نہ هوندي هئي، يا ڌوکو ۽ فريب شامل هوندو هو يا وري تاجر ۽ خريدار ۾ جهيڙي جو امڪان رهندو هو، تنهنڪري انهن صورتن کي نبي پاڪ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم منع فرمايو.

**نبي ڪريم** صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم **خريد ۽ فروخت** ۾ ٿيڻ وارين خرابين کي دور ڪرڻ لاءِ پاڻ تجارت بہ فرمائي ۽ تجارت لاءِ مختلف ملڪن جو سفر بہ اختيار فرمايو. جڏهن پاڻ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم **جي عمر** شريف ٻارهن سالن جي ٿي تہ ان وقت ابوطالب تجارت جي اِرادي سان ملڪِ شام جو سفر ڪيو. ابوطالب کي جيئن تہ حضور صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سان تمام گهڻي محبت هئي تنهنڪري هو ان سفر ۾ اوهان کي بہ پاڻ سان گڏ وٺي ويا. **حضور اقدس** صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اعلانِ نبوت کان پهريان ٽي دفعا تجارتي سفر فرمايو. ٻہ دفعا ملڪِ شام ويا ۽ هڪ دفعو يمن تشريف کڻي ويا.[x]

(i)بہار شریعت، 608/2
(ii)پ 30، النبا:11
(iii)پ 20، القصص: 73-خزائن العرفان،ص730
(iv)معجم الاوسط، 327/6، حدیث:8934
(v)معجم الاوسط،337/5،حدیث:7520
(vi)مصنف ابن ابی شیبۃ ،379/11،حدیث: 22625
(vii)بہارشریعت694/2
(viii)بخاری،2/ 32
(ix)بہارِشریعت723/2
(x)سیرتِ مصطفیٰ،ص86



# اسلامي ڀينرن جا شرعي مسئلا

## (1) ڇا عدت ٻيهر ڪرڻي پوندي؟

**سوال:** ڇا ٿا فرمائن علماءِ دين ۽ مفتيانِ شرعِ متين هن مسئلي جي باري ۾ ته اسان جي ڀيڻ کي ٽي طلاقون ٿي ويون آهن، جنهن جي عدت هوءَ اجان گذاري رهي آهي. هڪ ڏينهن هوءَ گهر کان نڪري پرسان ئي پنهنجي ڀاءُ جي گهر ڪاڏو ڪائڻ لاءِ وئي ته ڪجھ ماڻهن چيو ته عدت دوران گهر کان ٻاهر نڪرڻ سان عدت ٽٽي ويندي آهي، تنهن ڪري هن کي هاڻي نئين سر عدت گذارڻي پوندي. اهڙي طرح ڪجھ ماڻهو ڇت تي وڃڻ کان به منع ڪندا آهن ته کليل آسمان هيٺ نه ٿي وڃي سگهي ۽ ڀاڻرن سان به نه ٿي ملي سگهي. شرعي رهنمائي فرمايو ته ڇا ڀيڻ عدت دوران ٻاهر نڪري سگهي ٿي؟ جيڪڏهن نه ٿي نڪري سگهي ٿي ته ڇا هاڻي ڀيڻ جي عدت ٽٽي وئي ۽ هاڻي نئين سر عدت گذارڻي پوندي؟ ۽ ڇا ڇت تي کليل آسمان هيٺ وڃي سگهي ٿي؟

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اَلْجَوَابُ بِعَوْنِ الْمَلِكِ الْوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الْحَقِّ وَالصَّوَابِ

عدت هڪ خاص وقت (Time/Period) جو نالو آهي، يعني طلاق يا مڙس جي وفات کان پوءِ عورت کي مخصوص وقت ڪجھ پابندين سان گهر ۾ گذارڻو پوندو آهي ۽ ان عرصي دوران عورت کي بنا ضرورت گهر کان ٻاهر نڪرڻ جي اجازت نه هوندي آهي. جيڪڏهن نڪرندي ته گناهگار ٿيندي، ايئن ڪرڻ کان ڏاڍو سختيءَ سان منع ڪيو ويو آهي، پر جيڪڏهن بنا ضرورت گهر کان ٻاهر نڪري وڃي ته ان جي ڪري عدت تي ڪو اثر نه پوندو، يعني عدت ٽٽي وئي ۽ نئين سر ڪرڻي پوندي. البته بنا ضرورت گهر کان ٻاهر نڪرڻ جي ڪري هوءَ گنهگار ٿي، جنهن جي توبھ ڪرڻ ان تي لازم آهي. پنهنجي گهر جي ئي ڇت هجي ته عدت دوران عورت ڇت تي به وڃي سگهي ٿي، اهڙي طرح جيڪڏهن گهر

جو اگھڻ مشترڪ نہ هجي تہ اگھڻ ۾ بہ وجي سگهي ٿي. ڪليل آسمان هيٺ وجڻ ۾ ڪو حرج نہ آهي، پر شرط اهو آهي تہ ڇت يا اگھڻ وغيره ۾ وڃڻ سان بي پردگي نہ ٿيندي هجي ۽ پيڻ ياءُ سان پنهنجي عدت واري جاءِ تي ملڻ ۾ ڪو حرج نہ آهي.

وَاللهُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوْلُهٗ اَعْلَم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

ڪتبـــــــه

مفتي محمد قاسم عطارى

## (2) ڇا عورتون بہ رمل ڪنديون؟

**سوال:** ڇا ٿا فرمائن علماءِ دين ۽ مفتي صاحبان هن مسئلي بابت تہ ڇا طواف ۾ مردن وانگر عورتون بہ رمل ڪنديون؟

بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم

اَلْجَوَابُ بِعَوْنِ الْمَلِكِ الْوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الْحَقِّ وَالصَّوَابِ

جنهن طواف کان پوءِ سعي هجي (جيئن عمري جو طواف وغيره) تہ ان جي پهرين ٽن چڪرن ۾ "رمل" ڪرڻ سنت آهي. رمل مان مراد اها آهي تہ جلدي جلدي ننڍا ننڍا قدم کڻندي ۽ ڪلهن کي لوڏيندو هلجي، جيئن طاقتور ۽ بهادر ماڻهو هلندا آهن. پر ياد رکو تہ رمل صرف مردن لاءِ خاص آهي، عورتون رمل نہ ڪنديون، بلڪ وچولي چال ئي هلنديون، ڇو تہ ان ۾ انهن جي لاءِ پردي جو اهتمام وڌيڪ آهي. اهو ئي حڪم سعي ڪرڻ دوران "ميلين اخضرين" (ٻن سائن نشانن) جي وچ ۾ ڊوڙڻ جو آهي، اتي بہ عورتون بغير ڊوڙڻ جي وچولي چال ئي هلنديون.

وَاللهُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوْلُهٗ اَعْلَم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

| مُجِيْب | مُصَدِّق |
|---|---|
| محمد فرحان افضل عطّاري | مفتي محمد قاسم عطّاري |



# واش روم جون احتياطون

مولانا محمد جاويد عطاري مدني

## اچو پارو حديثِ رسول پڙهون ٿا

الله پاڪ جي پياري ۽ آخري نبي محمد عربي صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو:

اِنَّمَا اَنَا لَكُمْ مِثْلُ الْوَالِدِ اُعَلِّمُكُمْ اِذَا ذَهَبَ اَحَدُكُمْ اِلَى الْخَلَاءِ، فَلَا يَسْتَقْبِلِ الْقِبْلَةَ وَلَا يَسْتَدْبِرْهَا، وَلَا يَسْتَنْجِ بِيَمِينِهٖ

يعني مان توهان لاءِ والد جي حُيثيت رکان ٿو، توهان کي سيکاريان ٿو ته جڏهن بيت الخلاء (يعني واش روم) وڃو ته قبلي طرف نه منهن ڪريو ۽ نه ئي پُٺ ۽ نه ئي ساڄي هٿ سان استنجا ڪريو. (نسائی، ص15، حدیث: 40)

پيارا پارو! حضور نبيءِ رحمت صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اسان لاءِ هڪ والد وانگر آهن جو جيئن والد پنهنجي ٻارن جي هر معاملي ۾ تربيت ڪندو آهي، انهن کي رهڻي ڪهڻي جا طريقا سيکاريندو آهي، اهڙيءَ ريت بلڪ ان کان به وڌيڪ اسان جا پيارا نبي ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اسان کي دين ۽ دنيا جون ڳالهيون سيکاريندا آهن.

نبي ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اسان کي قرآن، نماز، وُضو، صفائي سترائي، والدين جي عزت، وڏن جو ادب ۽ احترام ۽ هر طرح جي تربيت فرمائي آهي، ايستائين جو استنجا جون احتياطون به سيکاريون آهن. پياري نبي صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي هن فرمان مان اسان کي سکڻ جي لاءِ ملي ٿو ته

* جڏهن واش روم وڃون ته استنجا ڪندي وقت ۽ اهڙي طرح ڪپڙا وغيره مَٽائيندي ۽ وهنجندي وقت هن ڳالهه جو ضرور خيال رکون ته خانهءِ ڪعبه ڏانهن نه منهن هجي ۽ نه ئي پُٺ.

* پنهنجي گهر کان علاوه به ڪيڏانهن وڃون ته قبلي جي سِمت جو پتو لڳايون ۽ استنجا وغيره ڪندي وقت خيال ضرور رکون.

* استنجا ڪرڻ لاءِ ساڄو هٿ استعمال نه ڪيون.

* واش روم وڃڻ جي دعا به ياد ڪيون ۽ واش روم وڃڻ کان پهريان پڙهون:

اَللّٰهُمَّ اِنِّيْ اَعُوْذُ بِكَ مِنَ الْخُبُثِ وَالْخَبَائِثِ يعني ياالله مان ناپاڪ جنّن(نر ۽ مادي) کان تنهنجي پناهه گهران ٿو. (بخاری،83/1، حدیث: 142)

* ۽ جڏهن ٻاهر نڪرون ته هيءَ دعا پڙهو: اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِیْ اَذْهَبَ عَنِّی الْاَذٰی وَعَافَانِیْ يعني سڀ خوبيون الله جي لاءِ آهن جنهن مون کان تڪليف ڏيندڙ شيءِ کي پري ڪيو ۽ مون کي راحت بخشي. (ابن ماجہ، 193/1، حدیث: 301)

* ياد رکو اهي دعائون واش روم کان ٻاهر پڙهڻيون آهن، اندر وڃي اهڙي طرح جي ڪا دعا يا مقدس ڪلما هرگز نه پڙهجن.

الله پاڪ اسان کي حديثون پڙهي ڪري، سمجهي ڪري عمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم.



# بزرگانِ دين جا مبارڪ فرمان

مولانا ابو شيبان عطاري مدني

## ڳالهين مان خوشبو اچي

### مالداريءَ کان وڌي دولت دينداري

باداشاهن جي دروازن کان پري رهو ڇو ته انهن جي دنيا مان جيڪا شيءِ توهان کي ملندي، ان کان بهتر شيءِ انهن کي اوهان جي آخرت مان ملندي. (ارشادِ حضرت ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُما) (مواعظ الصحابة، ص 369)

### مثبت خيالن جا قلَ

نيڪي بابت سوچ ويچار، نيڪي ڪرڻ جي طرف راغب ڪري ٿي جڏهن ته برائيءَ تي شرمساري، برائيءَ کان باز اچڻ جي دعوت ڏئي ٿي.

(ارشادِ حضرت ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُما) (مواعظ الصحابة، ص 369)

### افسوس محرومي

جنهن شخص کي ٽن شين اسلام، قرآن، ۽ پوڙهائپ مان عبرت حاصل نه ٿئي، ان کي ڪنهن شيءِ مان عبرت حاصل نٿي ٿي سگهي.

(ارشادِ عبد العزيز بن ابى روّاد رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه) (مواعظ الصالحين و الصالحات، ص 360)

## احمد رضا جو تازو گلستان آهي اڄ بہ

### گناهن کي مِٽائڻ واري نفيس شيءِ

سچي توبہ الله پاڪ اها نفيس شيءِ بڻائي آهي جيڪا هر گناهہ جي ازالي لاءِ ڪافي آهي. ڪوبہ گناهہ اهڙو ناهي جيڪو سچي توبہ کان بعد باقي رهي ايستائين جو شرڪ ۽ ڪفر بہ سچي توبہ ڪرڻ سان معاف ٿي سگهن ٿا. (فتاوىٰ رضويہ، 21 / 121)

### عمل محبت جي دعوا جو معيار آهي

زبان سان هر ڪو چوي ٿو تہ اسان کي الله ۽ سندس رسول صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان محبت سيني کان وڌيڪ آهي، پر جڏهن عمل جي واري ايندي آهي تہ آزمائش ٿي پوندي آهي تہ ڪير هن دعوا ۾ ڪوڙو آهي ۽ ڪير سچو. (فتاوىٰ رضويہ، 21 / 177)

### اسلام جو شان ۽ دٻدٻو

اسلام جو دٻدٻو، اسلام جي اطاعت ۾ آهي. (فتاوىٰ رضويہ، 8 / 122)

## عطار جو باغ ڪيترو پيارو باغ آهي!

### عبادت جو اظهار نہ ڪرڻ ۾ ئي عافيت آهي.

پنهنجي عبادت جو اظهار ڪرڻ واري

کي پنهنجي دل تي ضرور غور ڪرڻ گھرجي چو تہ بدنِيتي ان کي رياڪار بڻائي ڇڏيندي. (مدنی مذاکرہ ، 17 ربیع الاول، 1443 ھ)

## ڪنهن کي رياڪار نہ چئو

جيڪڏهن ڪو شخص واقعي رياڪاري ڪري بہ رهيو هجي تڏهن بہ کيس رياڪار نہ چئو چاڪاڻ تہ ڪوبہ اهڙو اوزار يا مشين ناهي جيڪا دل جي اندر جي ريا ظاهر ڪري سگهي. (مدنی مذاکرہ ، 17 ربیع الاول، 1443 ھ)

## دل جو علاج اهلِ دل وٽ آهي

دل جو علاج اهلِ دل وٽ هوندو آهي يعني جيڪو نيڪ، پرهيزگار، علم وارو، سچو عاشقِ رسول، سني عقيدي وارو سني، سيني صحابہ ڪرام جو مڃيندڙ، هڪ بہ صحابي تي تنقيد نہ ڪرڻ وارو، اهلِ بيت جو ۽ تمام اولياء ڪرام جو عقيدتمند هجي تہ ان جي صحبت سان دلين جو زنگ ۽ مِير بہ لهندو، دل جي ڪاراڻ بہ ڌوپجندي، ۽ دل جي سختي بہ دور ٿيندي، ويران دل بہ آباد ٿيندي. (مدنی مذاکرہ، 17 ذو القعدہ، 1445)

# چغلي جي متعلق 3 مبارڪ حديثون

رسولِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: غيبت ڪرڻ، طعنا ڏيڻ، چغلي هڻڻ ۽ ماڻهن جا عيب ڳولڻ وارن کي الله پاڪ (قيامت جي ڏينهن) ڪُتن جي شڪل ۾ اٿاريندو. هڪ حديثِ پاڪ ۾ فرمايائون: خبردار! ڪوڙ چهري کي ڪارو ڪري ڇڏيندو آهي ۽ چغلخوري عذابِ قبر (جو سبب) آهي. هڪ روايت ۾ آهي: غيبت ۽ چغلي ايمان کي اهڙيءَ طرح ڪٽي ڇڏيندي آهي، جهڙيءَ طرح ڌنار وڻ کي ڪٽيندو آهي.

فیضانِ مدینہ، محلّہ سوداگران، پرانی سبزی منڈی، باب المدینہ (کراچی)
UAN: +92 21 111 25 26 92 Ext: 2650 / 1144
Web: www.maktabatulmadinah.com / www.dawateislami.net
Email: feedback@maktabatulmadinah.com / ilmia@dawateislami.net
978-969-722-791-4
01130301